SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر **XIV** مجريه **1978**

SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1978

سنڌ جا ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1978

THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AIND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 2of Sindh Ordinance VI of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Ordinance VI of 1972

4. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance VI of 1972

5. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي شيڊول جي تبديلي

Amendment of Schedule to Sindh Ordinance VI of 1972

سنڌ آرڊيننس نمبر **XIV** مجريه

1978

SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1978

سنڌ جا ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1978

THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AIND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

[30 آگسٽ 1978]

تمهيد (Preamble)

سنڌ جي ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم جو آرڊيننس

جيئن ته سنڌ جي ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) حڪم، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس

جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ جا ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1978 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 2of Sindh Ordinance VI of 1972

2. سنڌ جا ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾، جنهن کي بعد ۾ به چاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2 ۾، شق (u) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعه 3 جي ترميم

"(u) 'يونيورسٽي' جتي ڪراچي ۾ بورڊس جي حوالي سان استعمال ڪيو وڃي مطلب ڪراچي يونيورسٽي، ۽ جتي سنڌ جي ٻين بورڊس جي حوالي سان استعمال ڪيو وڃي مطلب سنڌ يونيورسٽي.".

Amendment of section 3 of Sindh Ordinance VI of 1972

3. چاڻايل آرڊيننس، جي دفعه 3 جي ذيلي دفعه (1) ۾:

(i) شق (a) جي ذيلي شق (ii) جي آخر ۾ ايندڙ لفظ "۽" کي ختم ڪيو ويندو.

(ii) شق (b) جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ "؛۽"؛ سان متبادل بڻايو ويندو.

(iii) شق (b) کانپوءِ، هيٺين شق (c) شامل ڪئي ويندي:

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh

"(c) سکر ۾، هڪ بورڊ هوندو، جنهن کي ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ، سکر سڏيو ويندو.".

Ordinance VI of 1972

4. چاڻايل آرديننس، جي دفعه 4 جي ذيلي دفعه (1) جي شق (iii) ۾:

(i) ذيلي شق (b) ۾، لفظ "ءِ" ختم ڪيو ويندو.

(ii) ذيلي شق (c) جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ؛ لفظ "ءِ" سان متبادل بڻايو ويندو.

(iii) ذيلي شق (c) کانپوءِ، هيٺين ذيلي شق (d) شامل ڪئي ويندي:

1972 جي سنڌ آردينس VI جي شيڊول جي تبديلي

Amendment of Schedule to Sindh Ordinance VI of 1972

"(d) ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ سکر، اسڪول ايجوڪيشن ۽ ڪاليج ايجوڪيشن جا ڊائريڪٽرس."

5. چاڻايل آرديننس جي شيڊول ۾، لفظ "حيدرآباد" جتي به اچي، ان کي لفظن "حيدرآباد يا سکر" سان متبادل بڻايو ويندو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.